# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 1975

# SINDH ACT NO. XVI OF 1975

# مغربي پاڪستان موٽروهيڪلز (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH SECOND AMENDMENT) ACT, 1975

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون.

Definitions

3. مغربي پاڪستان آرڊيننس XIX مجريہ 1965 جي ڇهين شيڊول ۾ تبديلي.

Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

4. منسوخي.

Repeal.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 1975

# SINDH ACT NO. XVI OF 1975

## مغربي پاڪستان موٽروهيڪلز (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1975

## THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH SECOND AMENDMENT) ACT, 1975

[20 جون 1975]

1965 جي آرڊيننس ۾ وڌيڪ ترميم ڪري ان کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻائڻ جو ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

انهيءَ ڳالهه جي تقاضا آهي تہ مغربي پاڪستان موٽروهيڪلز (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1975 ۾ وڌيڪ تبديلي آڻي ان کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جهڙو بڻايو وڃي، جيڪو هن ريت ٿيندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي مغربي پاڪستان موٽروهيڪلز (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ 1965 سڏيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

مغربي پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي ڇهين شيڊول ۾ تبديلي.
Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

2. تبديليءَ هيٺ ايندڙ مغربي پاڪستان وهيڪلز آرڊيننس 1965 جي نوٽ 2 جي آخر ۾ ڏنل ڇهين شيڊول جو هي متبادل ٿيندو.

"نوٽ 2: ڪراچي ضلعي ڪانسواءِ جتي A کان Z تائين نوٽ نمبر 1 ۾ سيريز اچن ٿيون، انهن کي ڪڍيو ويندو ۽ حرفن جو ٻيون گروپ بڻايو ويندو جنهن جو نالو هوندو "KC" ۽ ان کي

رجسٽريشن مارڪ (نشاني طور) ڪم آندو ويندو چو تہ انهن گاڏين لاءِ جن کي حڪومت مخصوص ڪري.

منسوخي.
Repeal

3. ويسٽ پاڪستان موٽروهيڪلز (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974 (سنڌ ايڪٽ XX، مجريہ 1974) ۽ موٽر وهيڪلز (سنڌ ترميم) ايڪٽ مجريہ 1975 (سنڌ ايڪٽ II مجريہ 1975) کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**